رب زدني علما

# اطمينان ۽ سلامتي

- اوهان الله تعالىٰ کي الله ڪري مڃو ٿا.
- صبح جو اٿي ڪيس ياد به ڪريو ٿا.
- نماز پڙهڻ جو موقعو به اوهان کي ملي وڃي ٿو.
- ان کان ڊڄندا به آهيو ته، متان ڪڏهن ناراض نه ٿي پوي.
- حج ۽ عمرا به ڪندا آهيو ته جيئن گناهه ڇٽندا رهن.

افسوس آهي پوءِ به اوهان جي زندگيءَ ۾ اوهان کي اطمينان ۽ سلامتي حاصل ڪونهي. اوهان

☆ جيترو به ڪمايو ٿا پورو نٿو پوي.
☆ بيماريون ۽ پريشانيون پڇر ڪونه ٿيون ڇڏن.
☆ ٽوٽ ڦوٽ ۽ ٽاوان مان جان ڪونه ٿي ڇُٽي.
☆ خوف ۽ ڳڻتي هميشه مٿان سوار ٿا رهن.
☆ اولاد ڇئي کان ٻاهر نڪرندي وڃي ٿي.
☆ دل جو سڪون ۽ اطمينان ڳولهيو ڪونه ٿو لڀي.
☆ ڪا نه ڪا ذلت ۽ خواري منهن ڪڍيو بيٺي آهي.
☆ زندگي بي مقصد ۽ عذاب سمجهي گهارجي ٿي.

جيڪڏهن اوهان اطمينان ۽ سلامتيءَ جي اهڙي اڻهوند مان گذرو ٿا ته پوءِ پڪ ڄاڻو ته اوهان جي عقيدن ۽ عملن ۾ هڪ وڏي خرابي پيدا ٿي چڪي آهي. (1) اوهان کي الله جي عزت ۽ لحاظ کان محرومي پلئه پئجي چڪي آهي. (2) اوهان زندگيءَ ۾ ناانصافين ۽ باطل ڪمائيءَ جي گردش ۾ گهيرجي چڪا آهيو. (3) اوهان نفس پرستيءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي بي مقصد زندگي گذاري رهيا آهيو.

## الله جي عزت ۽ لحاظ کان محرومي

اوهان کي الله جي عزت ۽ لحاظ کان محرومي پلئه پئجي وئي آهي ۽ اوهان کي ان جو هوش ئي ناهي رهيو. جڏهن اوهان پنهنجي خلقڻهار، پالڻهار ۽ مددگار حقيقي ذات کان سواءِ ٻين کان مدد، حاجتون ۽ مرادون




پڄائڻ جي طلب ڪريو ٿا ته اوهان جي دل ۾ ان وقت پنهنجي خلقڻهار ذات جي عزت ۽ لحاظ موجود ڪونهي. جڏهن پيرن فقيرن کان مدد گهرو ٿا ته ان جي معنيٰ اوهان الله جي ذات ۾ نقص ۽ ڪمي سمجهو ٿا. ان جي عطا ڪي ۽ ان جي پهچ کي اڻپورو سمجهو ٿا. تنهن ڪري شعوري يا لاشعوري طورتي اوهان وٽ الله جي عزت ۽ لحاظ ڪونه ٿو رهي.

جڏهن اوهان پنهنجي پالڻهار ۽ عطا ڪندڙ سخي ذات جي مرضي ۽ ٻڌايل طريقن مطابق امانت سمجهي دولت خرچ نٿا ڪريو ته اوهان ان عطا ڪندڙ ذات جي عزت ۽ لحاظ نٿا ڪريو. اوهان جڏهن پنهنجي مرضيءَ تي دولت کي ڪوڙي ٺاٺ باٺ ۽ اجائي عيش عشرت ۾ ڪپايو ٿا ته اوهان الله جي حضور ۾ پيش ٿي ذري ذري جو حساب ڏيڻ جا عملي طرح انڪاري پڻ بڻجو ٿا. جي حساب ڏيڻ جو يقين ۽ خوف هجي ته جيڪر ائين نه ڪيو.

ساڳي طرح جڏهن اوهان ان احڪم الحاڪمين ذات جي ٻڌايل ضابطن مطابق زندگي گذارڻ جا روادار نٿا رهو ته اوهان ان قادر ڪريم جي قانونن جي عزت ۽ لحاظ نٿا ڪريو. اوهان جڏهن پنهنجي مرضيءَ تي خود غرض ۽ ڇڙواڳ زندگي گذاريو ٿا ته اوهان ۾ احڪم الحاڪمين جي ذات جي بي فرماني ۽ سرڪشي پيدا ٿيندي وڃي ٿي.

## ناانصافين ۽ حرام ڪمائيءَ جو گهيرو

اوهان پنهنجي ڪم، ذميواري ۽ ڊيوٽيءَ جو حق ادا نٿا ڪريو، انهيءَ سان اوهان سماج لاءِ سخت ناانصافي ۽ پنهنجي لاءِ حرام ڪمائيءَ جو طوق ڳچيءَ ۾ وجهو ٿا. اوهان پنهنجي ڪمن ۽ لين دين ۾ بي انصافيءَ کي پنهنجي قابليت ۽ ٻين جي سادڙائپ سمجهو ٿا. حالانڪ سادڙائپ جو شڪار اوهان پاڻ بڻجو ٿا جو اوهان جي شخصيت جي اوسر خدا جي پسنديده هڪ آئيڊيل انسان وانگر نه ٿي رهي آهي. اهو آئيڊيل انسان جيڪو خدا جي صفتن سان رڱيل ان جي نيابت جو مظهر هجي. اوهان غريب پورهيتن ۽ ملازمن جو معاوضو انهن جي مجبورين پٽاندر مقرر ڪيو ٿا، انهن جي بنيادي ضرورتن کي سامهون رکي معاوضو ادا نٿا ڪريو. پورهيت هر حال ۾ مجبور آهي ته ان اڻپوري معاوضي تي به پورهيو ڪري. اوهان ان صورت ۾ به لنوائي، ليلڙائي، ليٽڙيون پارائي، احسان جتائي پوءِ ڪيس معاوضو ادا ڪريو ٿا. جيڪي شيون ڪا اهميت نه ٿيون رکن. انهن جي پٺيان صرف انائن

۽ ضديت پوري ڪرڻ خاطر ڪيترين ئي ناانصافين مان گذرو ٿا. اهڙن معاملن کي اوهان روزاني ريت بڻائي آهي ۽ ان کي ناانصافي نٿا سمجهو.

قرآن ۾ وري وري انصاف اختيار ڪرڻ جو حڪم آيل آهي "تہ انصاف جي هلت هلو، اوهان نيڪوڪار بڻبئو." (المائده :8) جڏهن اوهان الله کي ان جي شان مطابق مڃڻ ۾ ناانصافي ڪريو ٿا، ان جي بندن سان ان جي ٻڌايل ضابطن کي ٽوڙي ناانصافي ڪريو ٿا تہ اوهان خود پاڻ بہ ناانصافيءَ جي پاداش جو شڪار ٿيو ٿا. انهيءَ ڪري جو الله تعالىٰ ڪائنات ۾ جيئن سيني شين ۾ تاثير ۽ مقرر نتيجا رکيا آهن، تيئن انساني روين ۽ عملن جي تاثير ۽ نتيجا بہ باقاعدي مقرر ٿيل آهن. اوهان جيترو بہ خدا ۽ ان جي بندن سان ناانصافي ڪندا ويندؤ، ان جو نتيجو ڀوڳيندا ويندو.

## نفس پرستيءَ جي ڏيڻ ۾

اوهان جي زندگيءَ جا سڀ معاملا هن سوچ جي پٺيان هلي رهيا آهن تہ اوهان جي ذات کي ڪيترو فائدو حاصل ٿي رهيو آهي. اوهان جي چوڌاري اوهان جي عزيزن، اوهان جي قوم جي افرادن ۽ اوهان جي سماج سان ڇا ٿو وهي واپري، ان سان توهان جو سروڪار ڪونهي. ماڻهن جي جهالت، مظلومي ۽ معاشي بدحالي جي لاءِ توهان وٽ ڪابہ عملي سرگرمي ڪونهي. اوهان مان وڏ ۾ وڏ حساس ماڻهو بہ سماج جي ابتريءَ تي فقط تبصرا ۽ افسوس ظاهر ڪن ٿا پر پنهنجي جان ۽ مال ذريعي جهالت ۽ بدحاليءَ جي خاتمي لاءِ ڪي وڏا انساني ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نٿا ٿين. جيڪي ڪمزور حال ۾ آهن سي بہ پنهنجي ۽ پاڻ جهڙن ٻين ماڻهن لاءِ ڀلائيءَ جو ڪو اجتماعي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن.

مخلوق الله جو عيال آهي ۽ فلاحي معاشرو خدا کي گهربل آهي. جيڪڏهن اوهان سماج کان ڪٽجي پنهنجي نفس پرستيءَ ذريعي اطمينان ۽ سلامتي چاهيندا تہ اهو خدا جي قانون جي نسورو ابتڙ آهي. نتيجي ۾ اطمينان ۽ سلامتي بہ ڪونہ ملندي.

## الله جي مرضي ڇا آهي؟

الله تعالىٰ اوهان کي ڌرتيءَ تي خليفو بڻايو آهي تہ خلافت يعني سندس فرمانبرداري ۾ انسانن سان سيني حيثيتن ۾ ڀلايون ۽





انصاف ڪري آزمائش مان پار پئو ۽ حقيقي هميشه واري زندگيءَ جو پاڻ کي اهل ثابت ڪيو. هي ماڻهوءَ جو حقيقي امتحان آهي تہ هو الله جي ٻڌايل حڪمن هيٺ انسانن جي لاءِ نفع بخشيءَ جي زندگي گذاري ٿو يا پنهنجي زندگيءَ کي پنهنجي مرضيءَ تي خودغرضيءَ سان پنهنجي ذاتي مفادن جي تحفظ لاءِ گذاري ٿو. جيڪڏهن زندگي رڳو ذاتي غرضن لاءِ گذري ٿي ۽ ان ۾ انسانن لاءِ نفع بخشي نٿي رهي تہ ان ناڪامي ۽ نامراديءَ جو نتيجو عدم اطمينان ۽ عدم سلامتيءَ جي صورت ۾ هن دنيا ۾ ئي شروع ٿي وڃي ٿو.

ماڻهو جيترو وڌيڪ انسانن لاءِ غيرنفعي بخش هوندو اوترو وڌيڪ نامراد ثابت ٿيندو. اهڙي طرح انساني نفعي بخشيءَ لاءِ جيترو وڌيڪ پاڻ پتوڙيندو، پاڻ کي جيترو وڌيڪ ڪارگر ثابت ڪندو، قدرت کيس پنهنجي نيابت جو انعام عطا ڪندي رهندي. جنهن ڪري سندس زندگيءَ ۾ برڪت ۽ سعادت، صحت ۽ چڱيلائي، اطمينان ۽ سلامتي بکندي نظر ايندي. ان وقت اوهان الله تعالىٰ جو شڪر ادا ڪريو تہ اوهان جي زندگيءَ ۾ الله ۽ ان جي رسول ڪريم ﷺ جي اطاعت اچي وئي آهي.

هاڻي جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪي ڏکيائون منهن ڪيدنديون تہ اهي اوهان جي آزمائش لاءِ هونديون تہ جيئن انهن مان پار پوڻ جي نتيجي ۾ اوهان جا مراتب بلند ٿيندا وڃن ۽ الله جي قربتن جا حقدار بڻبا وڃو. ۽ جڏهن موت جو وقت ايندو تہ اهڙن ٻانهن کي دنيا ۾ فرمانبرداريءَ جي عيوض الله تعالىٰ چوندو تہ، "موٽي هل پنهنجي پروردگار ڏانهن خوش ٿي جو اهو توکان خوش آهي. پوءِ هليو وڃ منهنجي (پيارن) ٻانهن ۾ ۽ هليو وڃ منهنجي (قربتن واري) جنت ۾. (الفجر28_30)

## الله تعالىٰ وري وري موقعو ڏئي ٿو

الله تعالىٰ اسان جو مهربان پالڻهار اسان جي انهن روين ۽ عملن، انهيءَ ويسلائي ۽ اياڻائي، انهيءَ بي خبري ۽ نادانيءَ تي بہ ٻاجهہ جو ارادو رکي ٿو ۽ وري وري اسان کي ميار ڏئي ٿو تہ "اي انسان! توکي ڪهڙي شيءِ ٻاجهاري پالڻهار کان ٿڳي ويسلو بڻائي ڇڏيو آهي." (انفطار_6) انسان کي ڪڏهن ٿاٻڙجڻ جي ذريعي، ڪڏهن ڪنهن نقصان ذريعي ۽ ڪڏهن ڪنهن اشاري سان وري وري سنڀلجڻ جو موقعو ملندو رهي ٿو.

اوهان ٿاٻو کائو ٿا، ڪنهن حادثي مان گذرو ٿا، قدرت اوهان کي

سنڀلجڻ جو موقعو ڏئي ٿي. اوهان ا ن وقت ئي ا ن ٽاپي ۽ حادثي جي اصل محرڪات تي سوچيو.

جيڪڏهن اوهان اهو ٽاپو غصي، حسد يا انتقام جي ڪٽڻين ۾ ذهني انتشار جي ڪري ڪاڏو آهي ته اوهان جي ٽاپي ۽ حادثي جو محرڪ غصو، حسد ۽ انتقام جو جذبو آهي، اوهان ان مان جند آجي ڪريو، اوهان آئنده ٽاپي ۽ حادثي کان بچي ويندؤ. جيڪڏهن اوهان ڪنهن سان ناانصافي ڪئي آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪنهن خساري جو شڪار ٿيا آهيو ته اوهان ناانصافيءَ جي طريقن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريو، اوهان آئنده اهڙي خساري کان بچي ويندؤ. جيڪڏهن اوهان آزاد خياليءَ جي انتشار ۽ گمراهيءَ جي فتور ۾ ڦاسي حادثو ڪيو آهي ته اوهان بدڪاري ۽ گمراهيءَ جي واٽ ڇڏڻ جو عزم ڪريو، اوهان آئنده اهڙي حادثي کان بچي ويندؤ.

پر جيڪڏهن اوهان انهيءَ ٽاپڙجڻ کي، خساري کي يا حادثي کي زندگيءَ جو عام معمول بڻائي ڇڏيندو ته پوءِ اوهان ۾ آهستي آهستي لاابالي ۽ سرڪشي پيدا ٿيندي ويندي. اها سرڪشي اهڙي پوائنٽ آهي، جتي اوهان جو مهربان الله، اوهان جو خلقڻهار الله، اوهان جو پالڻهار الله، اوهان کان لاتعلق ٿي ويجي ٿو ۽ جنهن کان ان جو الله لاتعلق ٿيو ته پوءِ اهو انسان ڇورو ڇنو آهي، ان جو ڪو ڌڻي ئي ڪونهي. ڪي ماڻهو زندگيءَ ۾ گرفت ۾ اچڻ تي ناانصافين ۽ حرام خورين جو ازالو ڪرڻ بجاءِ ورد وظيفن ۽ تسبيحن ڦيرائڻ يا عمرن وغيره جي ذريعي ان گرفت مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پوءِ آسري تي پيا انهن طريقن کي انگهائيندا رهندا پر پنهنجي عملي توبه ۽ ازالي طور ڪي وڏا انساني ڪم ڪري پنهنجي تخليقي مقصد کي سجايو نه ڪندا ۽ پنهنجي مالڪ جون محبتون ۽ قربتون پسڻ لاءِ فدائيت ۽ ايثار جا طريقا اختيار نه ڪندا. الله مومنن سان انهن جي جانين ۽ مالن جو سودو ڪري ڇڏيو آهي اهي ماڻهو ان سودي جو حق نه نڀائيندا، رڳو جڳاڙ پيا جاچيندا.

## سلامتيءَ جي واٽ

هينئر اوهان جي بچاءَ لاءِ ۽ اوهان جي اطمينان ۽ سلامتيءَ واري زندگيءَ کي ماڻڻ جي لاءِ هڪ ئي واٽ آهي ته، اوهان الله تعاليٰ تي ايمان ۽ ان جي وحدانيت تي يقين کي قرآن جي مطابق سڌو



ڪريو. الله کي مڃڻ جا سڀ پيري فقيري ۽ وڏن کان ورثي ۾ مليل طريقا ڇڏي توبه تائب ٿيو ۽ جيڪو رستو الله جي موڪليل ڪتاب ۾ ٻڌايل آهي ۽ جنهن رستي تي ان جي رسول ﷺ هلي ڏيکاريو آهي، انهيءَ کي اختيار ڪريو.

قرآن شريف ۾ آهي ته: "جيڪي مصيبتون توهان کي پهچن ٿيون، سي توهان کي پنهنجي ڪمن جي سببان پهچن ٿيون، اجا به الله تعاليٰ ڪوڙ (اوهان جا غلط ڪم) معاف ڪري ڇڏيندو آهي." (شوريٰ: 30)

اهڙي طرح قرآن ۾ هي به فرمايل آهي ته "جيڪو به برو عمل ڪندو ان کي ان جو بدلو ڏنو ويندو." (نساء: 123) ان جي وضاحت ۾ پيغمبر ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته "ان ۾ ننڍيون ننڍيون تڪليفون به داخل آهن." يعني انسان جي ڪئي جي نتيجي ۾ انسان کي جيڪو عذاب ڏنو ويندو آهي. ان ۾ ننڍيون ننڍيون تڪليفون به شامل هونديون. حضرت شاهه ولي الله رحمت الله عليه انجو مثال هيئن سمجهايو آهي ته هڪ ماڻهوءَ پنهنجو سامان ڪيسي ۾ رکي وساري ڇڏيو ۽ ان کان پوءِ ان جي ڳولا ۾ جيڪو پريشان ٿئي ٿو ته اها پريشاني به ان انسان جي ڪَئي جي هڪ قسم جي سزا آهي. انهيءَ ڪري (1) زندگيءَ ۾ پنهنجي روين ۽ عملن ۾ جيترو اوهان خدا سان نسوري وابستگي رکندؤ، (2) ان جي بندن جي سلسلي ۾ ناانصافين کان بچندؤ ۽ (3) نفعي بخش زندگي گذاريندؤ، اوترو اوهان پريشانين کي ڏکي پنتي ڪندؤ ۽ اطمينان ۽ سلامتي ماڻيندا ويندؤ.

جيڪڏهن اوهان ۾ اطمينان ۽ سلامتيءَ جي لاءِ حق جي تلاش ۽ جستجو آهي ته اوهان الله تعاليٰ جي پاران موڪليل زندگيءَ جي گائيڊ بوڪ قرآن کي ترجمي سان پڙهي وٺو، سيرت جي ڪتابن ۾ پيغمبر ڪريم ﷺ جي حياتي ۽ طريقي کي جاچي ڏسو اوهان جي لاءِ رهبريءَ، هدايت ۽ سعادت جا دروازا کلندا ويندا.

تيار ڪندڙ: حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ
سنڌي جماعت سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ،
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون : 0300-2707097, 021-4213117
عهد حاضر جي لاءِ قرآن جي حڪمت، تدبر ۽ سماجي شعور جي تحقيق، تعليم ۽ تربيت جو ادارو



www.hikmatequran.org